

# سِنڌوُ پارتِي

## دَرِجو پنجون



# ڀارتيہ سنوڌان

## باب - چوٿون الف

## بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڏوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ڀ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ڀ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پيدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيتروار جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٿ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

شکشڻ کاتي جو منظور ڪيل نمبر

پرش س / ١٥- ٢٠١٤ / هہ / ياشا / منظوري / د-٥٠٥ / ١٨٥٣ / تاريخ ٢٧ اپريل ٢٠١٥




پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

Y6IKZT

# سِنڌي

# سِنڌُو پارِتي

## دَرِجو پنجون


مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نِرمتي ۽ اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

پهريون ڇاپو : ٢٠١٥
سڌاريل ڇاپو : ٢٠٢٢

© مهاراشٽرا راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي وَ اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل پڻي - ٤١١٠٠٤

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ تو رکي. منڊل جي ڊائريڪٽر جي لکيل اِجازت کانسواءِ هن ڪتاب جو ڪوبه ٽڪر ڇپائي نه ٿو سگهي.

**سنڌي ڀاشا سمتي :**
ڊاڪٽر ديال ’’آشا‘‘ (سڀاپتي)
شري راڄڪمار آسودومل موهناڻي (ميمبر)
شري اَشوڪ ڪملداس مکنا (ميمبر)
شريمتي ميران مهيش گدواڻي (ميمبر)
ڪماري راڄيشري ڄيانند ٽيڪچنداڻي (ميمبر)
شريمتي ڪاجل انيل رامچنداڻي (ميمبر)
شرڪ گوورڌن شرما ’’گهايل‘‘ (نينبڌ ڏنل ميمبر)
شري وڄيه راڄڪمار منگلاڻي (نينبڌ ڏنل ميمبر)

**سنيوجڪ :**
شريمتي ڪيتڪي جاني
(نينبڌ ڏيندڙ - انچارج وشيش اڌڪاري - سنڌي)

**سنيوجن سهايه :**
شريمتي گيتا گڻيش ناڪر (ڪاپي رائيٽر سنڌي)

**ٽائيپ سيٽنگ :** شريمتي شويا لعلچنداڻي - ممبئي

**چترڪار :** شريمتي براجني ري

**نرمتي :**
شري سچيتانند آڦڙي (پرمڪ، نرمتي اڌڪاري)
شري سنديپ آڃگاڻوڪڙ (نرمتي اڌڪاري)

**پرڪاشڪ :**
شري وويڪ اُتم گوساوي، ڪنٽرول
پاٺيه پستڪ نرمتي منڊل،
پرڀاديوي، ممبئي - ٢٥.

**ڪاغذ :** ٧٠ جي.ايس.ايم.ڪريم وو

**پرنٽنگ آرڊر :** N/PB/2022-23/ Qty.

**ڇاپيندڙ :** M/s

## پرستاونا

’ٻارن لاءِ مفت ۽ لازمي تعليم جو حق قانون ٢٠٠٩‘ ۽ قومي ’سکيا خاڪو ٢٠٠٥‘ کي نظر ۾ رکي راڄيه ۾ ’’پرائمري تعليم اڀياسڪرم ٢٠١٢‘‘ تيار ڪيو ويو. هن سرڪاري منظور ڪيل اڀياسڪرم موجب غير سنڌي اسڪولن ۾ پڙهندڙ سنڌي شاگردن لاءِ سيڪنڊ ٻولي سنڌي سکڻ لاءِ سنڌو ڀارتي درجي پنجين جو درسي ڪتاب منڊل شايع ڪيو آهي، جيڪو اوهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسانکي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

هن ڪتاب ڪري شاگردن کي سنڌي ڀاشا سمجهڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ وڻندڙ لڳندو اهڙي اُميد ڪيل آهي. اُن سان گڏ ٻارن کي گفتگو ڪرڻ پڻ وڻندو ۽ لياقت جو وڪاس ٿيندو. اُنهن جو ماتر ڀاشا سکڻ وندرائيندڙ ۽ وڻندڙ ٿي. اِن لاءِ ٻار سوُلائيءَ سان ڳائي سگهن، اهڙن گيتن، بيتن، مورتن مان آکاڻيون، تصويرن جو استعال هن ڪتاب ۾ ڪيو ويو آهي.

سکڻ ۽ سيکارڻ جي ترتيب ڪامياب ٿي اِن لاءِ ’’اچو ته سکون ... پڙهو ۽ لکو‘ اِهي مشغوليون ڏنيون ويون آهن. هرهڪ سبق پنيان ڏنل اڀياس وڻندڙ ۽ سکيا ڏيندڙ آهي.

سنڌي ڀاشا سمتي، نينبڌ ڏنل ميمبرن ۽ چترڪار انهن سڀني جي گڏيل محنت سان هي ڪتاب تيار ٿيو آهي. هي ڪتاب معياري ۽ وڌ ۾ وڌ بي نقص ٿئي، ان لاءِ راڄيه جي الڳ الڳ ڀاڱن مان پرائمري اڌياپڪن ۽ تعليمي ماهرن کان هن ڪتاب جي ڇنڊڇاڻ ڪرائي ويئي آهي. سڀني آيل راين ۽ ويچارن جو سنڌي سمتي مناسب ڌيان رکندي، هن ڪتاب کي آخرين روپ ڏنو آهي.

شاگرد، اڌياپڪ ۽ مائٽ هن ڪتاب جو سواگت ڪندا، اهڙي اُميد آهي.

(چندرمڻي بورڪر)
سنچالڪ
مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي
و اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

تاريخ : ١١ فيبروري ٢٠١٥

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ چويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَن گَڻ مَن اَڌينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَت ڀاڳيہ وِڌاتا
پَنجاب، سِنڌ، گُجرات، مَراٺا،
دراوڙ، اُتڪَل، بَنگَ،
وِنڌيہ، هِماچَل، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَڇَل، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
ڳاهي تَوَ جَيَہ - ڳاٿا،
جَن گَڻ - مَنگَل دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳيَہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرتِگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي ڳوُرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن متن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# درجو پنجون سنڌي

## سکڻ سيکارڻ جي پرڪريا

سکندڙن کي پڻ يا گروپس / اَڪيلي ۾ وجهه ڏنا وڃن ۽ همٿايو تہ...

- پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهہ ٻول ڪرڻ لاءِ ٻارن کي موقعو ڏيڻ. جيئن کُليءَ دل سان هو ٻهرو ونئي سگهن.
- ڪلاس ۾ شاگردن کي پاڻ ۾ ڳالهائڻ جو موقعو ڏيو جيئن ٻار پنهنجي ٻوليءَ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائين، نوان لفظ سکن. پاڻ ظاهر ڪري سگهن.
- بيت گيت، سُر تال ۽ اِشارن سان ڳائڻ جو موقعو ڏيو.
- ٻُڌل آکاڻي، ڪويتا کي پنهنجي نموني ٻڌائڻ جو موقعو ڏيو.
- مورتون ڏيکاري آکاڻي ٻڌايو.

  ٻيا چتر ڏيکاري اُنهن بابت پڇيو.
- آيوينا جا اکر زباني مثالن سان چوايو. ڏسي ڪري سڃاڻڻ لاءِ چئو.
- آيوينا جا اَکر لکڻ لاءِ بُنيادي ليڪون ڪيڻ سيکاريو.
- اَکر جوڙي ٻن اَکرن، ٽن اَکرن وارا لفظ لکڻ، ٻڌائڻ سيکاريو.
- لفظن جي راند ڪرايو.
- اَکر، لفظ، ننڍا جملا پڙهڻ جو موقعو ڏيو.
- ننڍا مضمون مور، ڳانءِ وغيره تي ٻڌائڻ جو موقعو ڏيو.
- عدد چڱي طرح سڃاڻڻ.

## علمي حاصلات

سکندڙ:

05.LQ.01 گيت، بيت، ننڍيون آکاڻيون سُر تال، اِشارن سان ٻڌائين ٿا.

05.LQ.02 مورتن مان آکاڻي سمجهن ۽ ٻڌائين ٿا.

05.LQ.03 سنڌي آيوينا جا اَکر سڃاڻي اُنهن جي ترُ اُچار ڪن ٿا.

05.LQ.04 سنڌي اَکرن، اَنگن لاءِ بُنيادي ليڪون ڪيدي، اَکر لکي ٿو.

05.LQ.05 ٻن ٽن اَکرن وارا لفظ، ننڍا جملا ڏسي، ٻُڌي پڙهن ۽ لکن ٿا.

05.LQ.06 پاڻ ۾ ڳالهہ ٻول ڪن ٿا.

05.LQ.07 هم آواز لفظن جا مثال ٻڌائين ٿا.

05.LQ.08 ننڍا مضمون پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائين ٿا.

05.LQ.09 چتر، تصويرون ڏسي شيون، پاڃيون ڦل، جانور وغيره سڃاڻين ٿا.

05.LQ.10 عدد سڃاڻي ٿو ٻڌائي ٿو.

05.LQ.11 آکاڻيءَ جو سلسلو ٻڌائين ٿا.

05.LQ.12 دوستن، ٽيچر، مائٽن سان ٻُڌل ڏٺل ڳالهيون وندين ٿا.

05.LQ.13 سوال پڇن ٿا. جواب ڏين ٿا.

# فهرست


| نَمبر | وشيہ | صفحو |
| --- | --- | --- |
| ١ | گيِتَ | ١ |
| ٢ | حَرفَ | ٢ |
| ٣ | آئيويتا | ۵ |
| ۴ | سنڌيِ اَکرن ۽ اَنگن لاءِ بُنيادي ليکون | ۵ |
| ۵ | ’اَ‘ جي ماترا وارا لَفَظَ | ٧ |
| ٦ | ’آ‘ جي ماترا وارا لَفَظَ | ٨ |
| ٧ | ’اِ‘ جي ماترا وارا لَفَظَ | ٩ |
| ٨ | ’ايِ‘ جي ماتِرا وارا لَفَظَ | ١٠ |
| ٩ | ’اُ‘ جي ماترا وارا لَفَظَ | ١١ |
| ١٠ | ماترائون | ١٣ |
| ١١ | اَنگ | ١۵ |
| ١٢ | پرارٿنا (بيت) | ١٨ |
| ١٣ | مورتن مان آکاڻي | ٢٠ |
| ١۴ | باغيچو | ٢٢ |
| ١۵ | ڪانءُ ۽ ڪوئِل (بيت) | ٢۴ |
| ١٦ | مهنا ۽ خاص ڏينهن | ٢٦ |
| ١٧ | ڏِياري | ٢٨ |
| ١٨ | واهہ ڙي تارا (بيت) | ٣٠ |
| ١٩ | همدردي | ٣٢ |
| ٢٠ | خط | ٣۵ |
| ٢١ | ٻال سپاهي (بيت) | ٣٧ |

# گيِتَ

(١)



سيءُ ڏڪائي ٽر ٽر ٽر ٽر،
جلد هلو سڀ گهر گهر گهر گهر.
چؤماسي ۾ سورِج لِڪندو،
بادل وسندا جهرِ جهرِ جَهرِ جَهرِ.
وقت اَچي ويو اِمتحانن جو،
هاڻ تياري ڪَر ڪَر ڪَر ڪَرِ.
هوا پِپرَ جي وَڻَ سَان ڪَيڏي،
ڪندا رَهن پَنَ سَر سَر سَر سَر.

(٢)



مَمي چوِي ٿي هيءُ نہ ڪاءُ،
پپا چوِي ٿو هوُ بہ نہ ڪاءُ،
آخر مونکي ڪائٹو چاهي؟
ڪو تہ ٻُڌائي، ڪو تہ ٻُڌائي.
کيڏڻ لِئہ ڪو ڪين چوِي ٿو،
گُهمَڻ ڦِرَڻ لئہ مڻُ مَچلي ٿو.
ڪارڻُ اِن جو کهڙو آهي؟
ڪو تہ ٻُڌائي، ڪو تہ ٻُڌائي.

**هِدايت:** ١) ماستر مٿيان گيتَ سُرتال سان ٻُڌائي، شاگردن کان چوائيندو.

٢) ماستر شاگردن کي، جو ڪير پيئي سو وير ٿئي، پيَسو لڌُم پٽ تان ۾ مونکي ڪنهن ٿي ڪير پيٹاريو، اَهڙا گيت گڏ ڪري ٻڌائيندو ۽ ٻارن کان چوائيندو.

# آئيوتا

ماستر ٻارن کي آئيوتا جو تختو ڏيکاري اَکر سڃاڻڻ لاءِ چوندو.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | ب | ٻ | ڀ | پ | ت | ٺ | ٿ |
| ث | ٽ | ک | گ | ڳ | ڱ | گھ | ف |
| ڦ | ر | ز | ڙ | د | ذ | ڌ | ڏ |
| ڊ | ڍ | س | ش | و | ل | م | ڪ |
| ق | ن | ڻ | ح | ج | ڄ | ڃ | ڇ |
| چ | خ | ھ | جھ | ص | ض | ع | غ |
| ط | ظ | ي | ء | | | | |

## سِنڌِي اَکَرَنِ ۽ اَنگَنِ لاءِ بُنِيادِي لِيڪُون



**هِدايت:** ماستر ٻارن کان مٿيون ليڪون ڪيڏ جو اڀياس ڪرائيندو.

# اَڀياسُ

١) ڏسي ڪري سڄي آئيويٽا ڀرو دفعا لِکو :-

٢) هيٺ ڏنل آئيويٽا جو تختو پورو ڪريو :-

اَ .... ٻ پ ڀ .... ٺ .... ث .... ک .... ڳ

ڱ گھ .... ڦ .... ز ژ .... ذ ڌ .... ٻ .... س

.... و ل .... ڪ ق .... ڻ .... ج ڄ .... ڇ ....

خ ه جھ .... ض ع .... ط ظ .... ء

٣) هيٺ ڪجھه لفظ ڏنل آهن ۽ اُنهن لفظن اَڳيان گول ۾ اَکر ڏنل آهي. جِن لفظن ۾ گول وارو اَکر ڪم آندل آهي. اُنهن لفظن هيٺان ليڪ پايو :-

١. (اَ) رُڪ، سِڪ، اَڪ، ڪُڙ

٢. (ٻ) پَنَ، ڳَنَ، ٻَنَ، ڪَنَ

٣. (م) ڪَتَ، مَتَ، پَتَ، سُتَ

٤. (پ) دَرَ، پَرَ، سِرَ، ھَرَ

٥. (ل) نَڪُ، نَلُ، نَتَ، نِمُ

٦. (ٿ) ڇَڄ، ڇَھ، لَتِ، ڇِتِ

٤) چوکنڊن وارا اَکر ڪٽي لفظ پورا ڪريو :-

١. س ----ت، م----، ----ٺ، ----ڀُ

٢. ک بد----، رُ----، ----ن، ----پ

٣. ڳ ----چ، ----لُ، را----، پَ----

٤. ق ----ل، ٻا----، س----ل، --- ----ر

٥. ڇ وا----، ----ڪر، ----پ، خ----ر

٦. ڌ ڏُ----، ----ڪُ، وا----، ----ن شُ

٥) ماستر شاگردن کي اَهڙي نموني ٻيا لفظ لکڻ جو اَڀياس ڪرائيندو.

# (اَ) جي ماترا وارا لَفظَ

| چِترَ | حَرِفَ | لَفظَ | چِترَ | حَرِفَ | لَفظَ |
|---|---|---|---|---|---|
|  | دَ + رَ | دَرَ |  | لَ + غَ + ڙَ | لَغَڙَ |
|  | گهَ + رَ | گهرَ |  | ٻَـ + ڪَ + رَ | ٻَڪَرَ |
|  | اَ + ٽَ | اَٽَ |  | نَـ + ظَ + رَ | نَظَرَ |
|  | پَ + نَ | پَنَ |  | بَ + صَ + رَ | بَصَرَ |
|  | وَ + ٽَ | وَٽَ |  | خَ + چَـ + رَ | خَچَرَ |

## سُڃاڻَپ لاءِ اَکَرَ :

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| د | ر | گھ | اَ | ٽ | پ | ن | و | ٽ | ل |
| غ | ڙ | ٻ | ڪ | خ | چ | ط | ب | ص | |

**هدايت :** ماستر ڏارَ ڏارَ اَکرن مان لفظ تيار ڪرڻ ۾ شاگردن کي مدد ڪندو.

# (آ) جي ماترا وارا لَفظ



ساوا ساوا پَنَ



تازا تازا ڦَلَ



اَڇا اَڇا هنسَ



ڪارا ڪارا ڪَڪَرَ



وَڏا وَڏا مَٽَ



نَوان نَوان وَڻَ

| | | | |
|---|---|---|---|
| س + آ = سا | و + آ = وا | تـ + آ = تا | ز + آ = زا |
| چ + آ = چا | ڪ + آ = ڪا | ر + آ = را | ڏ + آ = ڏا |

**سُڃاڻپ لاءِ اَکَرَ :**

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ز | چ | ڻ | ڏ | ت | س | م | ق |

**هِدايت:** ماستر شاگردن کي اَهڙن ٻن يا ٽن لفظن وارا جملا ٺاهڻ سيکاريندو.

# (اِ) جي ماترا وارا لفظ



وِڪَ وڏاءِ



ڪِتابَ جَهلِ



وِملا بصر وِڍِ



تِڪا تِڪا مِرچ



مِنا مِنا ڦَلَ



پِيارا پِيارا ٻارَ

| | | | |
|---|---|---|---|
| و + اِ = وِ | ڪ + اِ = ڪِ | م + اِ = مِ | ت + اِ = تِ |
| ء + اِ = ءِ | ل + اِ = لِ | پ + اِ = پِ | |

**سُڃاڻپ لاءِ اَکَر :**

| | | | |
|---|---|---|---|
| جھ | ڪ | ڍ | ڦ |

**هِدايت :** ماستر شاگردن کي ٻن يا ٽن لفظن وارا جملا ٺاهڻ سيکاريندو.

# (اِي) جي ماتِرا وارا لفَظَ



گاڏِي جَلدِي هلي



گهرَ جي چابِي مِلي



هِينا گهرِ آئِي.



راڌا مانِي کاڌِي



شيامَ تاڙِي وڄائِي

| | | |
|---|---|---|
| ڏ + يِ = ڏِي | د + يِ = دِي | ج + يِ = جِي |
| ٻ + يِ = ٻِي | ل + يِ = لِي | ء + يِ = ئِي |
| ڙ + يِ = ڙِي | ن + يِ = نِي | ڌ + يِ = ڌِي |

سُڃاڻپ لاءِ اَکَرَ:

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| گ | ڄ | ي | ش | ج | ھ | ء |

هِدايت: ماستر شاگردن کي ٻن يا ٽن لفظن وارا جملا ٺاهڻ سيکاريندو.

# (اُ) جي ماتِرا وارا لَفظَ



اما اُٿُ



رَما باسَڻُ رَکُ



راجَن ڦَلُ کاءُ



اُشا نَچُ



راڌا اَچُ



لاجَ بال وَٺُ



رام قَلَمُ کَڻُ



آشا هَلُ

| | | |
|---|---|---|
| ٿ + اُ = ٿُ | ک + اُ = کُ | ل + اُ = لُ |
| ء + اُ = ءُ | چ + اُ = چُ | ٺ + اُ = ٺُ |
| م + اُ = مُ | ڻ + اُ = ڻُ | |

**سُڃاڻپ لاءِ اَکَر :** ق ڻ ٿ

**هِدايت:** ماستر شاگردن کي ٻن يا ٽن لفظن وارا جملا ڳاهڻ سيکاريندو.

# اَڀياسُ

## سوال ١: هيٺيان اَکر جوڙي لفظ ٺاهيو :-

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١. ڪ پ | ٢. نَ لَ | ٣. ڪَ ٽَ | ۴. پَ نَ |
| ۵. ڪَ ڪَ | ٦. ٻَ گهَ | ٧. ڄَ ڄ | ٨. ڪَ لَ |
| ٩. ڪَ ڪَ ڙ | ١٠. قَ لَ مَ | ١١. حَ جَ مَ | ١٢. جَ ٻَ لَ |
| ١٣. ٽَ ڪَ رَ | ١۴. مَ چَ رَ | ١۵. پَ ٿَ رَ | ١٦. ٻَ ڪَ رَ |

## سوال ٢ : ڏنگين مان مناسب اَکر چونڊي لفظ پورا ڪريو :-

١. چ ...... (پ ر م)

٢. ...... لَ (گ ڳ ن)

٣. ...... ڻُ (و پ ف)

۴. پِ ...... (ٿ، ر، ت)

۵. مَ ...... ڻُ (ک، پ، ت)

٦. پَ ...... رُ (ڙ، س، ٿ)

٧. ڪا ...... ڙ (و، ي، ڌ)

٨. ...... مَ لُ (ٽ، ڪ، ڙ)

٩. ڊَ ڪَ ...... (ل، ڻ، ق)

١٠. ...... ط ر (ع، غ، ظ)

## سوال ٣ : پڙهو ۽ لکو :-

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ١. ڇُڳو | ٢. سِڱَ | ٣. مِنو | ۴. واٽ | ۵. رات |
| ٦. جنم | ٧. هٿ | ٨. بلُبُ | ٩. گُلابَ | ١٠. ڪٽڪَ |
| ١١. ماسيِ | ١٢. کير | ١٣. موٽرِ | ١۴. نَبِضَ | ١۵. جَهلڪَ |

## سوال ۴ : هيٺ ڏنل اَکرن مان چوکنڊي ۾ ٺهڪندڙ اَکر ڪٽي مُناسب لفظ ٺاهيو :-

(ڪا، ل، ر، نا، گا، ما، غ، ز)

١. ☐ ٻڙ ٢. ☐ کي ٣. ☐ ڏي ۴. ☐ ني

۵. ☐ وڙ ٦. ڪا ☐ ذ ٧. ☐ را ٨. باڏَ ☐

## سوال ۵ : خالي چوڪنڊن ۾ اَکر وجهي لفظ ٺاهي لِکو :

١. ☐ يـ ز / يـ، ر

٢. ☐ ن ج / ھ، چ

٣. ☐ ڪ ڻ / ب، ڻ

۴. ☐ ر ڻ / ڙ، ت

Y95FHA

# ماتِرائون

| | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اَ | آ | اِ | اِي | اُ | اوُ | اي | اِي | او | اؤ | اَن |
| بَ | با | بِ | بِي | بُ | بوُ | بي | بِي | بو | بؤ | بَن |
| كَ | كا | كِ | كِي | كُ | كوُ | كي | كِي | كو | كؤ | كَن |
| فَ | فا | فِ | فِي | فُ | فوُ | في | فِي | فو | فؤ | فَن |
| رَ | را | رِ | رِي | رُ | روُ | ري | رِي | رو | رؤ | رَن |
| دَ | دا | دِ | دِي | دُ | دوُ | دي | دِي | دو | دؤ | دَن |
| حَ | حا | حِ | حِي | حُ | حوُ | حي | حِي | حو | حؤ | حَن |
| عَ | عا | عِ | عِي | عُ | عوُ | عي | عِي | عو | عؤ | عَن |
| سَ | سا | سِ | سِي | سُ | سوُ | سي | سِي | سو | سؤ | سَن |

| | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| كَ | كا | كِ | كِي | كُ | كوُ | كي | كيِ | كو | كؤ | كَن |
| طَ | طا | طِ | طِي | طُ | طوُ | طي | طيِ | طو | طؤ | طَن |
| وَ | وا | وِ | وِي | وُ | ووُ | وي | ويِ | وو | وؤ | وَن |
| مَ | ما | مِ | مِي | مُ | موُ | مي | ميِ | مو | مؤ | مَن |
| نَ | نا | نِ | نِي | نُ | نوُ | ني | نيِ | نو | نؤ | نَن |
| ٽَ | ٽا | ٽِ | ٽِي | ٽُ | ٽوُ | ٽي | ٽيِ | ٽو | ٽؤ | ٽَن |
| هَ | ها | هِ | هِي | هُ | هوُ | هي | هيِ | هو | هؤ | هَن |
| جهَ | جها | جهِ | جهِي | جهُ | جهوُ | جهي | جهيِ | جهو | جهؤ | جهَن |
| ءَ | ئا | ءِ | ئِي | ءُ | ئوُ | ئي | ئيِ | ئو | ئؤ | ئَن |

**هِدايت:** ماستر متئين ماترائُنِ مان ٻيا ڪي سؤلا لفظ تيار ڪري لکي ڏيکاريندو.

**مثال :** فون، سونُ، مامي، پَڪو، ڦٽوتو، نوڙي، جهولو، ڊُهلُ

# اَڀياسُ

**سوال ١ : ساڳئي اَکر سان شروع ٿيندڙ لفظن جا جوڙا مِلايو :-**

| | |
|---|---|
| ٻه | ساڙهيون |
| ٽي | پوپٽ |
| پنج | ٽبڪا |
| سَت | نلڪا |
| نوَ | ٻگهه |

**سوال ٢ : هيٺيان اَنگ، اَکرن ۾ لکو :-**

٣، ۴، ٧، ١٠، ٩

**سوال ٣ : هيٺيان اَکر، اَنگن ۾ لکو :-**

هڪ، ٻه، پنج، ڇهه، اَٺ

**سوال ۴ : شڪليون ڏسي سڃاڻو. هيٺ ڏنل خاڪي ۾ اُنهن جو تعداد لکو :**



| شڪليون | گُڏيون | ڪِتاب | پوپٽ | ٻيڙيون | موبائيل | ٽوپيون | گُلَ | چمچا | مڇيون | پينسلون |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اَنداز | | | | | | | | | | |

## سبق پهريون

# پرارٿنا



سائين، او سائين،
سائين مِهر وسائين.

١. ساري وَس کي پالڻ وارا؛
مِهرَ مَيا جا ڪرِ وسڪارا؛
رِم جهِم رنگ رَچائين؛
سائين مَهِرَ وسائين.

٢. ديش جي ڀڳتي ديش جي شيوا؛
سُرڳ جي باغ جا مِٺڙا ميوا؛
ڏيئي پال پلائين؛
سائين مَهِرَ وسائين.

٣. ٻالڪ آهيون ننڍڙا ننڍڙا؛
پيرَ اَسان جا ڪچڙا ڪچڙا؛
شالَ سنئين ڏَڳ لائين؛
سائين مَهِرَ وسائين.

**نَوان لَفظ :** وَسُ - جَڳهہ، دنيا
مَهِرَ - ديا
سنئين - سِڌي، صحيح
ڏڳ - راھ

# اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺيَنِ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :-**

١) سائين چا تو وسائي؟

٢) ساري وَس کي ڪير پاليندو آهي؟

٣) سُرڳ جي باغ جا ميوا ڪيئن هوندا آهن؟

**سوال ٢ : ڏنگين مان صحيح لفظ چونڊي خال ڀريو :-**

١) سائين ...... وسائين. (رحم، مهر)

٢) ٻالڪ آهيون ...... (ڪچڙا ڪچڙا، ننڍڙا ننڍڙا)

**سوال ٣ : ’الف‘ ۽ ’ب‘ ڪالم مان چونڊي جوڙا ملايو :-**

| الف | ب |
|---|---|
| ١) ديش جي ڀڳتي | ١) دِڳ لائين |
| ٢) رِم جهِم | ٢) ديش جي شيوا |
| ٣) سرڳ جي باغ جا | ٣) رنگ رَچائين |
| ٤) شال سنئين | ٤) مِنڙا ميوا |

**هِدايت :** ماستر شاگردن کي هيءُ گيت لئه تال سان ٻڌائيندو ۽ چوائيندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي هڪ ٻيو پرارٿنا گيت گهران لِکي اَچڻ لاءِ چوندو.

---

**پرولي سليو :**

١) رات ۾ ٻڙجي ايندو نوُر،
ڏينهن جو ٿيندو ڪافور،
سيني جو تو ’مامو‘ سڏجي،
ڪڏهن وڏي ۽ ڪڏهن تو گهٽجي.

٢) ستن پُٽن جو آهي پيءُ،
ڪيس نه آهي ڪائي ڏيءُ،
هڪ پُٽ جي سڀ راهه ڏسن،
اَچي تـه اسڪول / دفتر بند ٿين.

### سبق پيون

# مورتن مان آکاڻي

Y9JJHN




**هِدايت :** ماستر شاگردن کي مورتون ڏيکاري سوالن جي ذريعي آکاڻي پُڇندو.

# اَچو تہ سِکون

ماستر شاگردن کي ميون ۽ ڀاڄين جون تصويرون ڏيکاري اُنهن بابت ڄاڻ ڏيندو ۽ کين اَهڙي نموني ميون ۽ ڀاڄين جون تصويرون گڏ ڪري نالا لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## ميوا


صوف


انگور


اَنب


نارنگي


هِنداڻو


ڪيلو


ناسپتي


ڏاڙهون


سيتاڦل


پپئيو


چڪون


اَناس

## ڀاڄيون


واڱڻ


ٽماٽو


ڪريلو


سملا مرچ


گُل گوبي


بصر


پٽاٽو


مٽر


پن گوبي


ڀينڊي


ڪدو


پيٺو

# سبق ٽيون

## باغيچو



منهنجي اِسڪول جي پاسي ۾ هڪ سهڻو باغيچو آهي. شام جي وقت ڪيترائي ماڻهو گهمڻ ايندا آهن. باغ ۾ ڪيترن ئي هنڌ بئنچون رکيل آهن. جن تي ويهي ماڻهو آرام ڪندا آهن.

هڪ ڪُنڊَ ۾ ڪيترن ئي گلن جا ٻوٽا لڳل آهن جئن تہ گلاب، رابيل، چميلي، سورج مُکي، رتن جوت وغيره.

باغ جي ٻئي حصي ۾ ٻارن جي راند لاءِ پينگهون، ڦِسڪڻ، سي سا، وغيره لڳل آهن.

اَسين سائي ڇَٻرِ تي اَچي رانديون ڪندا آهيون. ڇٻر تي پيري اُگهاڙي پنڌ ڪرڻ سان اَکين جي جوت وڌندي آهي. باغيچي اَندر گهمڻ ڦرڻ سان دل خوش ٿيندي آهي ۽ صحت سٺي رهندي آهي.

**نَوان لَفِظَ :** ڇِبَرِ - سائو گاهه    جوت - روشني

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

١) باغ ۾ ڪهڙن گلن جا ٻوٽا آهن؟
٢) ماڻهن جي آرام لاءِ باغيچي ۾ ڇا رکيل آهن؟
٣) باغيچي ۾ ٻارن جي راند لاءِ ڇا ڇا آهي؟
٤) سائي ڇبر تي گهمڻ مان ڪهڙا فائدا آهن؟

**سوال ٢: هيٺين ۾ خال ڀريو :-**

١) باغيچي اَندر گهمڻ ڦرڻ سان ...... خوش ٿيندي آهي.
٢) باغ ۾ ڪيترن ئي هنڌ ...... رکيل آهن.
٣) هڪ ڪنڊ ۾ ڪيترن ئي گلن جا ...... لڳل آهن.

**سوال ٣ : هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو :-**

گهمڻ، ڇبر، سهڻو.

**سوال ٤ : هيٺين لفظن جا ضِد لِکو:-** خوش، آرام، شام، سنو.

**هِدايت :** ماستر شاگردن کي مشهور باغيچن جي ڄاڻ ڏيائيندو.

**مشغولي:** ١. ماستر شاگردن کان ٻاڻ بابت ٨ جملا پڇندو ۽ لکڻ لاءِ چوندو.
٢. ماستر شاگردن کي اَلڳ اَلڳ گلن جون تصويرون ڪٽي نالا لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

---

## اَچو تہ سِکون

**١. چؤڪنڊي جي خانن جا اَکر ڪم آڻي هدايت موجب لفظ ٺاهي لکو :**

| | | | |
|---|---|---|---|
| گهه | ڪ | م | و |
| پ | ڇ | خ | ٿ |
| اَ | ه | ب | غ |
| ط | ل | ت | ي |
| ن | س | ر | گ |

١) هِڪُ گُلُ    ٢) پيئڻ جو پاڻي رکڻ جو ٿانءُ    ٣) هِڪُ جانور
٤) هِڪُ پکي    ٥) سُٽُ ڪتڻ جو ساڌن    ٦) گهمڻ جو هڪ هنڌ
٧) صحيح جو ضد    ٨) روُم جو سنڌي لفظ    ٩) هِڪُ ميوو    ١٠) هِڪُ واهڻ

## سبق چوٿون

# ڪانءُ ۽ ڪوئِلِ



ڪانءُ بہ ڪارو، ڪوئل ڪاري،
لات ٻنهي جي نياري نياري.

۱. ڪانءَ جي ’ڪان ڪان‘ ڪَنَ ٿي کائي،
ڪوئل ڳائي، مَنُ وِندُرائي،
من کي موهي ٿي موچاري.

۲. ڪانءَ مِٺِل ٿيا جڳ ۾ ڪيئي،
ڪوئِل جهڙا ڪين سپيئي،
مِٺي کي پائئين دُنيا ساري.

۳. جڳ ۾ هردم مِٺو ٿي هلجي،
سهڻو سُلڇڻو سُٺو ٿي هلجي،
واهه واهه! ٿيندي پوءِ چوڌاري.

**نوان لَفظَ :** پائئين - چاهي　　موهڻُ - ڪَشِش ڪرڻ　　چوڌاري - هرهنڌ
جڳُ - سنسار دنيا　　مِٺِل - جهڙا

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

۱) ڪانءُ جا ڪندو آهي؟
۲) ڪوئل چو وڻندي آهي؟
۳) دنيا ڪنهن کي پائئين ٿي؟
۴) اِنسان جي واهه واهه ڪڏهن ٿئي ٿي؟

**سوال ۲ : هيٺين لفظن جا ضِد لِکو:-**

مِٺو، ڪارو، سُلڇڻو

**سوال ٣ : جوڙا ملايو :-**

| ’الف‘ | ’ب‘ |
|---|---|
| ١. لاٽ ٻنهي جي | ١. مَنُ وندرائي |
| ٢. ڪوئل ڳائي | ٢. پوءِ چوڏاري |
| ٣. مِٺي ڪي ڀانئي | ٣. نياري نياري |
| ٤. واهه واهه! ٿيندي | ٤. دنيا ساري |

**هِدايت :** ماستر شاگردن کي هي بيت لئہ تال سان ٻڌائيندو ۽ چوائيندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي ’ڪوئل‘ تي پنج جُملا گهران لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## وياڪرڻ

### بيهڪ جون نشانيون

توهان اَڳ ۾ ئي بيهڪ جي نشانين بابت ڄاڻ حاصل ڪئي آهي. اَچو تہ هاڻي اُنهن انگريزي لفظن کي سنڌيءَ ۾ ڇا چئبو آهي. اِها ڄاڻ حاصل ڪريون.

| سنڌي | اَنگريزي | نشاني |
|---|---|---|
| پورو دم | فُل اسٽاپ | . |
| ٿورو دم | ڪاما | ، |
| اَڌ دم | سيمي ڪولن | ؛ |
| دم | ڪولن | : |
| واڪ جون نشانيون | اِنورٽيڊ ڪاما | ” “ |
| سوال جي نشاني | اِنٽراگيشن مارڪ (ڪوشچن مارڪ) | ؟ |
| عجب جي نشاني | ايڪسڪليميٽري مارڪ | ! |

**هيٺين جملن ۾ مناسب جڳهين تي بيهڪ جون نشانيون ڏيو.**

١. لوڪ مانيہ تلڪ چيو سوراج منهنجو جنم سڌ اَڌڪار آهي
٢. رميش تون اِسڪول مان ڪڏهن موٽئين
٣. واهه واهه تو تہ ڪمال ڪري ڏيکاريو
٤. اَمان توهان کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي
٥. راجا چيو توکي اِنعام ڏيندس

# مهنا ۽ خاص ڏينهن

| | | |
|---|---|---|
| ٢١- هيمون ڪالاڻي شهيدي ڏينهن | جنوري | ٢٦ - پرجاوادي ڏينهن |
| ٢٢ - وشو اِسڪائوٽ ڏينهن | فيبروري | ٢٨ - قومي سائنس ڏينهن |
| ٨ - وشو مهلا ڏينهن | مارچ | ٢٣ - ڀڳت سنگهه شهيدي ڏينهن |
| ٧ - وشو صحت ڏينهن | اَپريل | ١٠ - سنڌي ٻولي تسليمي ڏينهن |
| ١ - مهاراشٽر ڏينهن | ميءِ | ١٥ - وشو ڪُٽنب ڏينهن |
| ٥ - وشو پرياورڻ ڏينهن | جون | ١۴ - وشو رت دان ڏينهن |
| ١ - وشو ڊاڪٽر ڏينهن | جولاءِ | ١١ - وشو آدمشماري ڏينهن |
| ١٥ - آزادي ڏينهن | آگسٽ | ٢٩ - قومي راند ڏينهن |
| ٥ - اَڌياپڪ ڏينهن | سيپٽمبر | ١۴ - هندي دِوَس |
| ٢ - گانڌي، شاستري جينتي | آڪٽوبر | ٨ - ڀارتيه هوائي سينا ڏينهن |
| ١۴ - بال دِوَس | نومبر | ٢٥ - ساڌو واسواڻي جينتي |
| ۴ - ڀارتيه جل سينا ڏينهن | ڊسمبر | ٢٥ - ناتال |

**هِدايت :** ١. ماسترُ شاگردن کي سنڌي مهنن جي ڄاڻ ڏيندو.
٢. ماسترُ شاگردن کي هفتي جي ڏينهن جي ڄاڻ ڏيندو.

**مشغولي :** ١. ماسِترُ شاگردن کي سنڌي مهنن ۽ سنڌي ڏڻن جو چارٽ ٺاهي اَچڻ لاءِ چوندو.
٢. ماسِترُ شاگردن کي پنهنجي روزمره جو حال اَحوال لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

# وياڪرڻ

## عدد

۱. ڇوڪري راند ڪري ٿي.　　۲. ڇوڪريون راند ڪن ٿيون.

۳. گهوڙو تيز ڊوڙي ٿو.　　۴. گهوڙا تيز ڊوڙن ٿا.

مٿين جملن ۾ ’ڇوڪري‘ هِڪَ آهي ۽ ’گهوڙو‘ بہ هڪ آهي اِنهن کي ’عدد واحد‘ ڪري ڇئبو آهي.

’ڇوڪريون‘ ۽ ’گهوڙا‘ هِڪ کان وڌيڪَ آهن. اِنهن کي ’عدد جمع‘ ڇئبو آهي.

**۱ :خاڪو پورو ڪريو :-**

| عدد واحد | | عدد جمع |
|---|---|---|
| مثال : | پِلي کير پيئي ٿي. | پليون کير پيئن ٿيون. |
| ۱. | **ڇوڪرو** لِکي ٿو. | ۱. ................. |
| ۲. | **ٻارُ** گهُمڻ ويو. | ۲. ................. |
| ۳. | ................. | ۳. نيها **رانديڪا** آندا. |
| ۴. | رام **ڪلمنڙو** ڪاڙو. | ۴. ................. |
| ۵. | ................. | ۵. تون **نوڪريون** ڪٽي اَچ. |
| ۶. | ................. | ۶. **جهرڪيون** چون چون ڪن ٿيون. |

**۲ : هيٺين لفظن جا عدد جمع لکو :-**

۱. ٻڪري　۲. ٽوپي　۳. ڇٽي　۴. چمچو　۵. اَنبُ

**۳ : هيٺين لفظن جا عدد واحد لکو :-**

۱. ڪِتابَ　۲. رانديڪا　۳. پيٽيون　۴. ٻَگهَ　۵. طوطا

## اَچو تہ سِکون

لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ’مندُ‘ جوڙڻ سان نئون لفظ ٺهي ٿو.

مثال :- عقل + مند = عقلمند

اَهڙي نموني هيٺين لفظن ۾ ’مندُ‘ جوڙي نوان لفظ ٺاهيو :

۱. هُنر　۲. صحت　۳. دولت　۴. غيرَت

۵. خواهش　۶. هوش　۷. ضرورت　۸. فِڪرُ

## سبق پنجون

# ڏِياري



اَسانجي ديش ۾ ڪيترائي ڏِڻَ ملهايا ويندا آهن. هولي، جنماشٽمي، رکشا ٻنڌن، تِرَموري، چيٽي چنڊ ۽ ڏياري. ڏياري اَسانجو هڪ مکيه ڏڻ آهي.

شري رام بنواس جا چوڏهن سال پورا ڪري، سيتا ۽ لڇمڻ سميت جڏهن اَيوڌيا موٽيو، تڏهن سڄي اَيوڌيا ۾ خوشي ڇانئجي ويئي. ماڻهن پنهنجا گهر سينگاريا ۽ ڏيئا ٻاريا. اُن ڏينهن کان وٺي ڏياريءَ جو ڏڻ ملهايو ويندو آهي.

اَسو مهني جي اُماس ڏينهن هرسال هيءُ ڏڻ ملهايو ويندو آهي. هن ڏينهن تي پارتواسي پنهنجا گهر، دوڪان ۽ آفيسون صاف ڪري سينگاريندا آهن. سڀيئي نوان ڪپڙا پائيندا آهن. بازارن کي رنگبرنگي بتين سان روشن ڪيو ويندو آهي. شام جي وقت ڏيئا ٻاريندا آهن. ماڻهو خوب مٺايون ناهيندا آهن، پاڻ کائيندا آهن ۽ ٻين کي بہ کارائيندا آهن. رات جو گهر جا سڀ ڀاتي گڏجي لڪشمي ماتا جي پوڄا ڪندا آهن. کير جي ڪٽوري مان سون ۽ چانديءَ جا سڪا ڪڍي ڏندن ۽ اَکين تي رکندا آهن. ڦٽاڪا ٻاريندا آهن. هڪ ٻئي کي ڏياريءَ جون واڌايون ۽ شُڀ ڪامنائون ڏيندا آهن.

ڏياريءَ کان واپارين جو نئون سال شروع ٿيندو آهي. اِن ڏينهن تي واپاري نوان چوپڙا ٺاهي اُنهن جي پوڄا ڪندا آهن.

ڏياري روشني، پريم ۽ ميل ميلاپ جو ڏڻ آهي.

**نَوان لَفظَ :** سَميت - ساڻ

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

۱) اَسان جي ديش ۾ ڪهڙا ڏِڻ ملهايا ويندا آهن؟

۲) ڏياري ڇو ملهائي ويندي آهي؟

۳) ڏياريءَ ڏينهن ڪنهنجي پوڄا ڪئي ويندي آهي؟

۴) واپاري ڏياريءَ جي ڏينهن ڇا ڪندا آهن؟

**سوال ۲: هيٺين ۾ خال ڀريو :-**

۱) شام جو ...... ٻاريندا آهن.

۲) ڏياري کان ...... جو نئون سال شروع ٿيندو آهي.

۳) ڏياري روشني، پريم ۽ ...... جو ڏڻ آهي.

**سوال ۳ : هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو :-**

۱. ميل ميلاپ ۲. روشني ۳. ڦٽاڪا ۴. صاف

**سوال ۴ : ٻيهڪ جون نشانيون ڪم آڻي جملا وري لکو.**

۱. اي پريو اسان تي مهر ڪر ۲. اَفسوس هي ڇا ٿيو

۳. ٻکي لاٿيون لنوندا آهن ۴. ٿورو ترس پوءِ مان توکي ٻڌايان ٿو

**هِدايت :** ۱. ماسترُ شاگردن کي سنڌي ڏڻن جي ڄاڻ ڏيندو.

**مشغولي :** ۱. ماستر شاگردن کي گهر مان ڪاغذ جا فانوُسا تيار ڪري اَچڻ لاءِ چوندو.

۲. ماستر شاگردن کي هيٺ ڏنل خانن ۾ رنگ ڀرڻ لاءِ چوندو.

| ٻاڙهو | سائو | ناسي | واڱڻائي | نارنگي |
|---|---|---|---|---|
| | | | | |
| پيلو | گُلابي | نيرو | ڪارو | سليٽي |
| | | | | |

## سبق ڇهون

# واھ ڙي تارا



واھ ڙي تارا، گول تارا،
روشن تارا، چمڪي وارا.
سانجهيءَ ٽاڻي نِڪرو ٿا،
اُڀ سڄي ۾ پکِڙو ٿا.
چلڪو چمڪو ساري رات،
ڪجي اَوهان جي ڪهڙي بات.
رات لنگهي ويئي باقي ڇا،
اَوهين ٻڌايو ڳالهه اِها.
جوت اَوهان جي جي نه هجي،
واٽهڙو هر واٽ مُنجهي.

**نَوان لَفظَ :** سانجهي - شام　جوت - روشني　ٽاڻو - وقت
واٽهڙو - راهگير　اُڀ - آسمانُ　پکڙڻ - ڦهلجڻ

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺيَن سُوالَن جا جَوابَ لِکو :**

١) تارا ڪڏهن نڪرندا آهن؟
٢) ساري رات تارا ڇا ٿا ڪن؟
٣) تارا نہ هُجن تہ جيڪر ڇا ٿئي؟

**سوال ٢ : هيٺين جا جوڙا ملايو :-**

| الف | ب |
|---|---|
| ١) سانجهيءَ ٽاڻي | ١) ساري رات |
| ٢) چلڪو چمڪو | ٢) کهڙي باتِ |
| ٣) واٺهڙو | ٣) نڪرو ٿا |
| ٤) ڪجي اَوهانجي | ٤) هر وات مُنهجي |

**سوال ٣ : هيٺين لفظن جا ضد لکو :-**

روشني، راتِ، سانجهي

**سوال ٤ : هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو :-**

پَکِڙُ، چمڪڻ، جوت، واٺهڙو

**هِدايت :** ماستر شاگردن کي بيت سُرَ تال سان بلند آواز ۾ پڙهائيندو ۽ چوائيندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي ’چانڊوڪي رات‘ تي ڏهه جملا گهر مان لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## وياڪرڻ

### اِسم

١. **هريش** منهنجو **دوست** آهي.

٢. **هاٿي** هڪ وڏو **جانور** آهي.

٣. **اَنگور** کٽا آهن.

٤. اُتي ماڻهن جي **پيڙ** هئي.

٥. **رميش** کي **ايمانداريءَ** جو اِنعام مليو.

٦. **پونو** سنو **شهر** آهي.

اُهو لفظ جيڪو ڪنهن ساهواري، شيءِ، جڳهه، گڻ يا ميڙ جو نالو پڌائي اُن کي اِسم چئبو آهي.

مٿين جملن ۾ دوست، هريش، هاٿي، جانور، اَنگور، پيڙ، رميش، ايمانداري، پونو، شهر اِسم جا مثال آهن.

- **هيٺين جملن مان اِسم چونڊي اِنهن جي هيٺيان ليڪ پايو.**

١. اُت کي بيابان جو جهاز چوندا آهن.

٢. مالتيءَ اَنب کاڌو.

٣. باغ ۾ گلن جا جڳهتا آهن.

٤. پوجا سچيار ڇوڪري آهي.

٥. پکي آسمان ۾ اُڏامن ٿا.

سبق ستون

# همدردي



**ماستر** : ٻارو! برسات جي مُندَ شروع ٿي ويئي آهي. جڏهن اِسڪول ۾ اَچو تہ برساتي ڪوٽ پائي اَچو يا ڇَٽِي کڻي اَچو.

**رام** : سائين! برسات جي پاڻيءَ ۾ پُسڻ سان اَسان کي مزو ايندو آهي.

**ماستر** : ٻارو! مٿي تي پاڻي پوڻ سان ٿڌ لڳڻ جو اِمڪان رهندو آهي. پُسيل ڪپڙن سبب بخار بہ ٿي سگهي ٿو، برسات کان بچڻ لاءِ ڇٽي يا برساتي ڪوٽ ضروري آهي.

**شيام** : سائين! منهنجي اَمڙ سِلائي ڪري گهر جو گُذارو ڪندي آهي. مون لاءِ ڇٽي يا ڪوٽ خريد ڪرڻ مُمڪن ڪين آهي.

**ماستر** : پيارا شيام! تون چِنتا نہ ڪَرِ، مان تنهنجي لاءِ سياڻي ڇٽي وٺي ايندس.

**ڪرپال** : سائين! اَسانجي ڪلاس ۾ شيام جهڙا ٻيا بہ چار پنج وديارٿي آهن. اَسين هن ڪلاس جا سڀ شاگرد ٿورا ٿورا پنهنجا پئسا گڏ ڪري، گُهرجائو هم ڪلاسين کي ڇٽيون يا ڪوٽ وٺي ڏيون.

ماستر : پيارا ڪرپال! تو تمام سُٺو سُجهاءُ ڏنو آهي. اِن لاءِ مان توکي ڌنيواد ڏيان ٿو. مان بہ توهان سان اِن ڪاريہ ۾ سهيوگہ ڪندس. اَگر سڀ ماڻهو اِئين سوچيندا تہ هرڪوئي سُکي رهندو. سماج ۾ گهرجائن جي مدد ڪرڻ اَسان سيني جو فرض آهي.

**نَوان لَفظَ :** پِڇڻُ - پُسڻُ　　سُجهاءُ - ويچارُ　　اِمڪان - اَنديشو　　سهيوگہ - سهڪار

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

۱) برسات جي مند شروع ٿيڻ تي ماستر ٻارن کي ڇا چيو؟
۲) شيام ماستر کي ڇا چيو؟
۳) ڪرپال ڪهڙي صلاح ڏني؟
۴) هر ڪوئي سُکي ڪيئن رهي سگهندو؟

**سوال ۲ : هيٺيان جملا ڪنهن ڪنهن کي چيا آهن :**

۱) ”سائين! برسات جي پاڻيءَ ۾ پسڻ سان اَسانکي مزو ايندو آهي.“
۲) ”مون لاءِ ڇتي يا ڪوٽ خريد ڪرڻ ممڪن ڪين آهي.“
۳) ”سماج ۾ گهرجائن جي مدد ڪرڻ اَسان سيني جو فرض آهي.“

**سوال ۳ : هيٺين لفظن جا ضد لکو :-**

ٿَڌِ، خريدي، سهيوگہ، ممڪن، سُکي

**سوال ۴ : هيٺ ڏنل لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو :-**

اِمڪان، سِلائي، ممڪن، سُندر، مدد

**هِدايت :** ماستر شاگردن کي هيٺين سان همدردي ڏيکارڻ لاءِ ٻيا مثال بہ ٻُڌائيندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي ٻين سان ڀلائي ڪرڻ واري هڪ گهٽنا گهر مان لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## اَچو تہ سِکون

لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ’وان‘ جوڙڻ سان نئون لفظ ٺهي ٿو.

مثال :- شڪتي + وان = شڪتيوان

آهڙي نموني هيٺين لفظن ۾ وان جوڙي نوان لفظ ٺاهيو :

۱. ٻَلُ　۲. ڌن　۳. چرتر　۴. ديا　۵. تيڄ　۶. ڀاڳہ　۷. گڻ　۸. گيان

## جنس




### جنس مذڪر

١. مور نچي ٿو.
٢. چوڪرو اَنب کائي ٿو.

### جنس مونث

١. ڍيل نچي ٿي.
٢. چوڪري اَنب کائي ٿي.

مٿين جملن ۾ 'مور' ۽ 'چوڪرو' جنس مذڪر جا مثال آهن. 'ڍيل' ۽ 'چوڪري' جنس مونث جا مثال آهن.

سڀ ساهوارا ٻن قسمن جا ٿين ٿا. هڪڙا 'نر' يا پرش ٻيا 'مادي' يا اِستري. نر معنيٰ جنس مذڪر. مادي معنيٰ جنس مونث.

مثال : راجا - راڻي، گهوڙو - گهوڙي،

**هيٺين لفظن جي جنس بدلايو :-**

١. ٻڪرو ٢. اُٺ ٣. ماءُ ٤. مرد ٥. پياءُ ٦. شينهن

**هيٺيون خاڪو پورو ڪريو :-**

| جنس مذڪر | جنس مونث |
|---|---|
| مثال : چوڪرا راند ڪن ٿا | چوڪريون راند ڪن ٿيون. |
| ١. ٻِلو کير پيئي ٿو. | ١. ............ |
| ٢............. | ٢. هاٿڻِ کمند کائي ٿي. |
| ٣. نانو راجوءَ کي پيار ڪندو آهي. | ٣. ............ |
| ٤. مامو پوني ۾ رهندو آهي. | ٤. ............ |
| ٥............. | ٥. پولڙي ٽپا ڏئي ٿي. |



## سبق اَٺون

# خط

پرڪاش ڀون،
ڪلياڻي نگر،
پُڻي - ۴۱۱۰۰۶.

**پيارا دوست دِنيش،**

مالڪ جي مهر سان خوش راضي هوندين. هِت مان پڻ مزي ۾ آهيان. تازو اِسڪول جي پڪنڪ لاءِ ٻين شاگردن سان گڏ مان بہ اُلهاسنگر ويو هوس. اُتي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاشي آشرم، سوامي شانتي پرڪاش قدرتي علاجي ڪيندر، گئوشالا، پنجين نمبر ۾ چاليهي صاحب جو مندر ۽ پرسان ئي اَمبرنات ۾ اِتهاسڪ شِو مندر ڏسڻ جهڙا هنڌ آهن. مون کي سڀني کان وڌيڪ گئو شالا ۾ آنند آيو. تُنهنجو جڏهن بہ اُلهاسنگر وڃڻ ٿئي تہ مٿيون جايون ضرور ڏسي اَچجانءِ.

**پيارن مان،**

**مهيش.**

**نَوان لَفِظَ :** مهر - رحم　　　　اِتهاسڪ - تواريخي

## اَڀياسُ

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :**

١) مهيش پڪنڪ تي ڪيڏانهن ويو هو؟
٢) اُلهاسنگر ۾ ڏسڻ جهڙا ڪهڙا هنڌ آهن؟
٣) مهيش کي سڀ کان وڌيڪ آنند ڪٿي آيو؟

**سوال ٢ : هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو :-**

پڪنڪ، اِتهاسڪ، آنند

**سوال ٣ : هيٺين لفظن جا ضد لکو :-**

راضي، پرسان، خوش

**هِدايت :** ماستر شاگردن کي ڏسڻ جهڙين ہين جڳھين جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندو.

**مشغولي :** ١) ماستر شاگردن کي دوست جي جنم ڏينھن تي واڌايون ڏيندي، گھران خط لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

٢) ماستر شاگردن کي پنھنجي شهر جي خاص آستانن جي ڄاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ چوندو.

---

# اَچو تہ سِکون

**ماسترن شاگردن کي هيٺين بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏيندو.**

١. **ٻِتا لفظ**

گھر - ٻار، ٻار - ٻچا، رات - ڏينھن، داڙو - پاڻي، جھونو - پراڻو،
تورو - گھٽو، ڏڻ - وارُ، ڪم - ڏنڏو، ڀُل - چُڪ، اَنُ - جلُ

٢. **اَسانجا مائٽ**

ماتا - پتا، ڏاڏو - ڏاڏي، نانو - ناني، مامو - مامي، ماسڙ - ماسي
چاچو - چاچي، ڀيڻ - ڀاءُ، پُٽڙ - پُٽي، پُٽاتِ - پٽاٽُ، ماروتِ - ماروتُ،
پوٽو - پوٽي، ڏوهِٽو - ڏوهِٽي، ڌيءُ - پُٽ

٣. **طرف** Directions

اوڀر East ، اولھہ West ، اُتر North ، ڏکڻ South

٤. **وقت**

صبح (morning)، شام (evening)، منجھند (afternoon)، رات (night)،
اَڌ رات (midnight)، اَسُر (dawn)، اَڄ (Today)، سُڀاڻي (tomorrow)، ڪلھ (yesterday)،
ٽيون ڏينھن (day before yesterday)، پريھن (day after tomorrow)

٥. **سواد**

کٽو (sour)، مٺو (sweet)، ڪؤڙو (bitter)، ڪسارو (astringent) ،
تکو (pungent) ، کارو (salty)

٦. **اَسانجا عضوا**

ڳچي (neck)، آڱر (finger)، ڇاتي (chest) متو (head)، ڪن (ear)،
اَک (eye)، چپُ (lip)، جڀ (tongue)، ڏند (tooth)، ٻانھن (arm)،
ٽنگ (leg)، نرڙ (forehead)، نڪ (nose)

## سبق نائون

# بالُ سِپاهِي



مان ڀارت جو بالُ سِپاهي،
اَڳتي قدم وڌائيندس.

سويل سُمهندس سويل اُٿندس،
ڪسرت سان قَدُبَت ناهيندس

ذات پات جا ڀيد ڀُلائي،
سَڀ کي گَلي لڳائيندس.

اُوچ نيچ ۾ فرق نہ رَکندُسِ،
سِکَ جو سازُ وَڄائيندس.

ديش جي صدقي چمندس مرندس،
جيون سڦل بڻائيندس.

’گهايل‘ ڀارت ماتا جي جئہ،
وَر وَر ڀِيو ڏُهرائيندس.

**نَوان لَفِظَ :** سپاهي - سئنڪ    سويل - جلدي    سازُ - سنگيت جو ساڌن
ڀيد - فرق    سڦل - ڪامياب

## اَڀياسُ

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

۱) سپاهي ڇا ٿو ڪرڻ چاهي؟
۲) صحت ٺاهڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟
۳) جيون ڪيئن سڦل بڻائي سگهبو؟

**سوال ٢ : هيٺين جا جوڙا ملايو :-**

| الف | ب |
| --- | --- |
| ١) ذات پات جا | ١) چمندس مرندس |
| ٢) مان پارت جو | ٢) پيد پُلائي |
| ٣) ديش جي صدقي | ٣) ٻال سپاهي |

**سوال ٣ : هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو :-**

سپاهي، پيد، سِڪ، جيون

**هِدايت :** ماستر بيت اَداڪاريءَ سان ٻارن کي ٻُڌائيندو ۽ اُنهن کان چوارائيندو.

**مشغولي :** ماستر شاگردن کي هيٺين نيتائن جون تصويرون ڏيکاري سڃاڻڻ لاءِ چوندو ۽ اُنهن بابت چارِ ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.



## پڙهو ۽ لِکو

* پاڻي اَجايو وڃائڻ نہ گهرجي.
* ڪڙمي کيت ۾ اَناج پوکيندو آهي.
* سدائين سَچ ڳالهائڻ گهرجي.
* ڪانءُ جو رنگ ڪارو ٿيندو آهي.
* ڪنول اَسان جي ديش جو قومي گُل آهي.
* اَسان کي پنهنجي پسگردائي صاف رکڻ گهرجي.
* باندر ٽينگ - ٽپا ڏيندو آهي.
* اَخبار جي پنن مان لفافا ٺاهي سگهبا آهن.
* اَسان جي اِسڪول جي عمارت عاليشان آهي.
* اَسان جو گهر هوادار آهي.
* چيٽي چنڊ اَسان سِنڌين جو وڏو ڏِڻ آهي.
* شينهن جهنگل جو راجا آهي.
* ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ جي سماڌي پوني ۾ آهي.
* محنت جو ڦل مٺو ٿيندو آهي.

# ۱ کان ۱۰۰ تائين اَنگ (اَکرن ۾)

| اَنگ | اَکرن ۾ | اَنگ | اَکرن ۾ | اَنگ | اَکرن ۾ | اَنگ | اَکرن ۾ | اَنگ | اَکرن ۾ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ۱ | هڪ | ۲۱ | ايڪويهه | ۴۱ | ايڪيتاليهه | ۶۱ | ايڪهٺ | ۸۱ | ايڪياسي |
| ۲ | ٻه | ۲۲ | ٻاويهه | ۴۲ | ٻائيتاليهه | ۶۲ | ٻاهٺ | ۸۲ | ٻياسي |
| ۳ | ٽي | ۲۳ | ٽيويهه | ۴۳ | ٽيتاليهه | ۶۳ | ٽيهٺ | ۸۳ | ٽياسي |
| ۴ | چار | ۲۴ | چوويهه | ۴۴ | چوئيتاليهه | ۶۴ | چوهٺ | ۸۴ | چوراسي |
| ۵ | پنج | ۲۵ | پنجويهه | ۴۵ | پنجيتاليهه | ۶۵ | پنجهٺ | ۸۵ | پنجاسي |
| ۶ | ڇهه | ۲۶ | ڇويهه | ۴۶ | ڇائيتاليهه | ۶۶ | ڇاهٺ | ۸۶ | ڇهاسي |
| ۷ | ست | ۲۷ | ستاويهه | ۴۷ | ستيتاليهه | ۶۷ | ستهٺ | ۸۷ | ستاسي |
| ۸ | اَٺ | ۲۸ | اَٺاويهه | ۴۸ | اَٺيتاليهه | ۶۸ | اَٺهٺ | ۸۸ | اَٺاسي |
| ۹ | نَوَ | ۲۹ | اُڻٽيهه | ۴۹ | اُڻونجاهه | ۶۹ | اُڻهتر | ۸۹ | اُڻانوي |
| ۱۰ | ڏهه | ۳۰ | ٽيهه | ۵۰ | پنجاهه | ۷۰ | ستر | ۹۰ | نوي |
| ۱۱ | يارهان | ۳۱ | ايڪٽيهه | ۵۱ | ايڪونجاهه | ۷۱ | ايڪهتر | ۹۱ | ايڪانوي |
| ۱۲ | ٻارهان | ۳۲ | ٻٽيهه | ۵۲ | ٻاونجاهه | ۷۲ | ٻاهتر | ۹۲ | ٻيانوي |
| ۱۳ | تيرهان | ۳۳ | ٽيٽيهه | ۵۳ | ٽيونجاهه | ۷۳ | ٽيهتر | ۹۳ | ٽيانوي |
| ۱۴ | چوڏهان | ۳۴ | چوٽيهه | ۵۴ | چونجاهه | ۷۴ | چوهتر | ۹۴ | چورانوي |
| ۱۵ | پندرهان | ۳۵ | پنجٽيهه | ۵۵ | پنجونجاهه | ۷۵ | پنجهتر | ۹۵ | پنجانوي |
| ۱۶ | سورهان | ۳۶ | ڇٽيهه | ۵۶ | ڇاونجاهه | ۷۶ | ڇاهتر | ۹۶ | ڇهانوي |
| ۱۷ | سترهان | ۳۷ | ستٽيهه | ۵۷ | ستونجاهه | ۷۷ | ستهتر | ۹۷ | ستانوي |
| ۱۸ | اَرڙهان | ۳۸ | اَٺٽيهه | ۵۸ | اَٺونجاهه | ۷۸ | اَٺهتر | ۹۸ | اَٺانوي |
| ۱۹ | اُڻويهه | ۳۹ | اُڻيتاليهه | ۵۹ | اُڻهٺ | ۷۹ | اُڻاسي | ۹۹ | نوانوي |
| ۲۰ | ويهه | ۴۰ | چاليهه | ۶۰ | سٺ | ۸۰ | اَسي | ۱۰۰ | سؤ |

**هدايت :** ماستر شاگردن کي ۱۰۰ تائين اَنگ ۽ اُهي اَکرن ۾ لکڻ سيکاريندو.










مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي

وَ اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي

सिंधुभारती सिंधी (अरे.) इ.५वी ₹ 25.00